**FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION**
**SPECIAL COMPETITIVE EXAMINATION - 2023**
**FOR RECRUITMENT TO POSTS IN BS-17**
**UNDER THE FEDERAL GOVERNMENT**

**Roll Number**

# SINDHI

| | |
|---|---|
| **TIME ALLOWED: THREE HOURS** | **(PART-I MCQs) MAXIMUM MARKS: 20** |
| **PART-I (MCQs) :MAXIMUM 30 MINUTES** | **(PART-II) MAXIMUM MARKS: 80** |

**NOTE: (i)** First attempt **PART-I (MCQs)** on separate **OMR Answer Sheet** which shall be taken back after **30 minutes.**
**(ii) Overwriting/cutting of the options/answers will not be given credit.**
**(iii)** There is **no negative** marking. All MCQs must be attempted.

## PART-I (MCQs)(COMPULSORY)

**Q.1. (i)** Select the best option/answer and fill in the appropriate Box ■ on the **OMR Answer Sheet. (20x1=20)**
**(ii)** Answers given anywhere else, other than OMR Answer Sheet, will not be considered.

**1.** **”مقدمة الصلواة“ ڪنهن جو لکيل ڪتاب آهي؟**
(A) ابوالخير (B) ابوالحسن (C) مولانا محمد هاشم ٺٽوي (D). انهن مان ڪو بہ ناهي

**2.** **ميين شاهہ عنايت جو ڪلام گهڻن موضوعن تي مشتمل آهي؟**
(A) پنجاهہ (B) ٺيهن (C) پاويهن (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**3.** **لسانيات ۾ ڪهڙي محقق کي ”ڏاتن جو ڏٽي“ چيو ويندو آهي؟**
(A) عبدالڪريم سنديلو (B) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (C) مرزا قليچ بيگ (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**4.** **”اونهي ڳالهہ اسرار جي“ ڪهڙي موضوع تي لکيل ڪتاب آهي؟**
(A) شاعري (B) ناول (C) آتم ڪٿا (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**5.** **بردي سنڌيءَ جو اصل نالو ڇا هو؟**
(A) خدا بخش (B) محمد رمضان (C) عبدالڪريم (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**6.** **ڪهڙي رسالي ”اياز گل نمبر“ شايع ڪيو آهي؟**
(A) پوپٽ (B) مهراڻ (C) پرک (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**7.** **’ڇھُڙي‘ ڪنهن جي ڪهاڻي آهي؟**
(A) نسيم کرل (B) امرجليل (C) بشير مورياڻي (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**8.** **”اندر جنين اڇ“ ڪهڙي ليکڪا جو سفرنامو آهي؟**
(A) مهتاب محبوب (B) پوپٽي هيراننداڻي (C) روشن آرا مغل (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**9.** **”ڪليات مسرور“ ڪنهن جي ڪلام جو ڪتاب آهي؟**
(A) بيدل مسرور (B) فقير غلام علي مسرور (C) احسان احمد بدوي (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**10.** **نئين زندگي رسالي جو پهريون ايڊيٽر ڪير هو؟**
(A) عبدالواحد سنڌي (B) شمشيرالحيدري (C) غلام محمد گرامي (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**11.** **شاهہ جي رسالي جي لغت ’روشني‘ ڪنهن مرتب ڪئي؟**
(A) پيرومل مهرچند آڏواڻي (B) آفتاب ابڙو (C) آغا سليم (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**12.** **قليچ لفظ جي معنى ڇا آهي؟**
(A) سورج (B) گل (C) تلوار (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**13.** **مخدوم محمد زمان طالب المولى جي لکيل ڪتاب ”ياد رفتگان“ کي ڇا چئجي؟**
(A) ادبي تاريخ (B) شاعريءَ جي تاريخ (C) شاعرن جو تذڪرو (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**14.** **”سمنڊ جاڳي ٿو“ ڪنهن جو شعري مجموعو آهي؟**
(A) نياز همايوني (B) اياز گل (C) ادل سومرو (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**15.** **ناول ”همہ اوست“ جو مصنف ڪير آهي؟**
(A) نجم عباسي (B) آغا سليم (C) ماڻڪ (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**16.** **’ڪتاب‘ اسم جي ڪهڙي قسم ۾ شمار ٿيندو؟**
(A) اسم ذات (B) اسم عام (C) اسم خاص (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**17.** **شعر جي پرڪشش مصرع ” هن دل قلندريءَ ۾ دم دم ڌمال آهي“ ڪنهن جي تخليق آهي؟**
(A) حسن درس (B) نصير مرزا (C) آڪاش انصاري (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**18.** **دوهي ۾ قافيو ڪٿي آڻبو آهي؟**
(A) شروعات ۾ (B) وچ ۾ (C) آخر ۾ (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**19.** **غزل جي پهرين بند کي ڇا چئجي؟**
(A) مطلع (B) حسن مطلع (C) مقطع (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

**20.** **اڻويهين صديءَ جي سنڌي نثر جي تاريخ جو محقق ڪير آهي؟**
(A) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (B) مختيار احمد ملاح (C) منگها رام ملڪاڻي (D) انهن مان ڪو بہ ناهي

# PART-II

| TIME ALLOWED: THREE HOURS<br>PART-I(MCQS): MAXIMUM 30 MINUTES | PART-I (MCQS) MAXIMUM MARKS = 20<br>PART-II MAXIMUM MARKS = 80 |
|---|---|

**NOTE: (i)** **Part-II** is to be attempted on the separate **Answer Book.**

**(ii)** Attempt **ONLY FOUR** questions from **PART-II.** Answer must be written in **respective language** except where specified in the question paper. **ALL** questions carry **EQUAL** marks.

**(iii)** All the parts (if any) of each Question must be attempted at one place instead of at different places.

**(iv)** Write Q. No. in the Answer Book in accordance with Q. No. in the Q.Paper.

**(v)** No Page/Space be left blank between the answers. All the blank pages of Answer Book must be crossed.

**(vi)** Extra attempt of any question or any part of the question will not be considered.

**سوال نمبر2:** ”لوڪ ادب صدري خزانن، سنسار ۽ سماج جي سرُت ۽ سهُائيءَ جو سدا حيات سرمايو آهي.“ سينگار، ڏهس ۽ ڏور کي ڏوري اهي ڳجھ ڳولهي پڌرا ڪيو. **(20)**

**سوال نمبر3:** ”شاھ لطيف انسان جي نفسياتي ڪيفيتن جو فطري شاعر آهي“. مختلف ڪردارن جي ڪيفيتن کي ڪيئن نروار ڪيو اٿس. مثال ڏيئي ثابت ڪريو.. **(20)**

**سوال نمبر4:** موجوده صديءَ ۾ ڪهڙن نثر نويسن جو نثر پختي ڏانوَ ۽ ٻوليءَ جي سهڻي استعمال سبب مقبوليت حاصل ڪري ٿو پيو. **(20)**

**سوال نمبر5:** ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لوڪ ادب کي لغت جو سرچشمو سڏيندو هو. ان جهڙو ”لوڪ ادب ساگر“ جو غواص نه ٻيو ٿيو نه شايد ٿئي. اوهان سندس قابليت کي چند مثالن سان قلمبند ڪريو. **(20)**

**سوال نمبر6:** نثر پنڌ ڪندو آهي ۽ نظم رقص ڪندو آهي، پر جمال ابڙي جي ڪهاڻي ’پيراڻي‘ ڇم ڇم ڇير ٻڌي نچندي آهي. اوهان ان جي رقص جون رمزون وائکيون ڪيو. **(20)**

**سوال نمبر7:** امرجليل پنهنجي افسانن جي مجموعي ”دل جي دنيا“ ۾ لکيو آهي ته مان ” سچي چمار ڏاڍي سچائيءَ سان ڪوڙ ڳالهايو اٿم“ سندس ان بيباڪ سچائيءَ کي ان ڪتاب مان ثابت ڪري ثبوت ڏيو. **(20)**

**سوال نمبر8** **(a)** **هيٺ ڏنل سنڌيءَ ۾ لکيل پئراگراف جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو.** **(10)**

انسان ٽن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙا اهي جن جو مقصد فقط پنهنجي زندگي خوش گذارڻ هوندو آهي، کائڻ پيئڻ هوندو آهي، پيار ڪرڻ هوندو آهي، دولت اقتدار ۽ ناموس حاصل ڪرڻ هوندو آهي. ٻيا انسان اهي آهن جن جو مقصد اهو هوندو آهي ته پاڻ سان گڏ انسانن جي زندگيءَ سان به ناتو نڀايو اچن. اهي انسان پنهنجيءَ ذات پات، رنگ ۽ نسل جي فرق جي باوجود سڀني کي پنهنجي خيالن جي روشني آڇيندا آهن ۽ ساڻن پيار ڪندا آهن. آخر ۾ انسانن جو ٽيون قسم به آهي جو هن پوريءَ ڪائنات سان وحدت الوجود جي ڪيفيت محسوس ڪري ٿو. ڪائنات جي هر شيءِ سان پاڻ کي هڪ سمجهي ٿو.

**(b)** **هيٺ ڏنل انگريزي پيراگراف جو سنڌي ۾ ترجمو ڪريو؟** **(10)** **(20)**

Shaikh Ayaz is darling poet of Sindh. Common people dance on the tunes of his musical poetry. Intellectuals discuss his poetry in their meetings and wonder at the vast canvas of his poetry encompassing not only Sindh and Hind, but the entire world. His poetry is considered an accident, because it is quite different from and far superior not only to compositions of his contemporary poets but all other Sindhi poets of the past except the great Shah (Abdul Latif) who is acknowledged as the greatest ever Sindhi poet. Some scholars consider him as the continuum of Shah. Yet others consider him as extension of Tagore and Kalidas also.

************